# حق ۽ باطل

## ۾ فرق ڪرڻ وارا

**11 June 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

11 جون 2026ع (بمطابق: 25 ذوالحج شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

قرآني بيان

بنام

# حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿ ... فاروق لقب جي وضاحت

✿ ... حق کي قبول ڪرڻ جو نرالو انداز

✿ ... شيطان مُنهُن لِڪائي ڀڄي ويندو آهي

✿ ... بهترين انسان جون نشانيون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت احمد بن ثابت مغربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان ڦِبلي ڏانهن مُنهُن ڪري ويهي درود شريف جي موضوع تي مضمون لکي رهيو هيس تہ اوچتو مون تي ننڊ جو غلبو طاري ٿي ويو ۽ منهنجي اک لڳي وئي، مون خواب ۾ الله پاڪ جي مقرب فرشتن ◈ حضرت جبرائيل ◈ حضرت ميڪائيل ◈ حضرت اسرافيل ◈ ۽ حضرت عزرائيل عليهمُ السَّلَام ڪي ڏٺو (3 مقرب فرشتن سان گفتگو جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ شيخ احمد بن ثابت رحمةُ اللهِ عليه فرمائن ٿا تہ:) مون حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي عرض ڪيو: مان الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو ڏئي التجا ٿو ڪريان تہ توهان منهنجو ساهہ ڪيڻ وقت مون تي نرمي فرمائجو (هنن) فرمايو: رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پڙهندو ڪر. (1)

آس ہے کوئی نہ پاس ایک تمہاری ہے آس | بس ہے یہی آسرا تم پہ کروڑوں درود (2)

---

1…سعادة الدارين، صفحہ:124-125 ملخصًا۔

2… حدائقِ بخشش، صفحہ:267۔

**وضاحت:** يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! توهان کان سواءِ مون کي ڪنهن ٻئي ۾ اميد نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو اهڙو آهي جنهن ۾ اميد ڪري سگهجي، مون کي تہ بس توهان جو ئي آسرو ۽ سهارو آهي. توهان تي ڪروڙين درود هجن

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ بااَدَب ويهندس ◈ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هي باطل کي پسند نہ ڪندا آهن

حضرت اَسود بن سَريع رَضِیَ اللهُ عَنہ صحابيءِ رسول آهن. **بنو تميم** قبيلي سان تعلق رکندا هئا. پاڻ پنهنجي قبيلي جا تمام مشهور ۽ معروف شاعر (*Poet*) هئا. جيئن تہ پاڻ مديني منوره کان پري رهندا هئا، تنهنڪري مديني پاڪ ۾

---

1… بخاري، كتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحه:65، حديث:1۔

رهڻ وارن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنھم سان ساڻن گهڻي سچاٽپ نہ هئي. سندن هڪ تمام پياري عادت هئي تہ هُو پنهنجا شعر محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم کان درست ڪرائيندا هئا.

روايت آهي تہ هڪ ڀيري پاڻ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! مون اللّٰه پاڪ جي حمد ۽ توهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي نعتِ پاڪ لکي آهي، (ڇا مان اُها اوهان کي ٻڌايان ....؟) حضورِ انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ رَبَّكَ يُحِبُّ الْحَمْدَ يعني تنهنجي رب کي حمد تمام گهڻو پسند آهي، (چڱو ڀلا! ٻڌاءِ....) پوءِ حضرت اَسود رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ پنهنجا لکيل شعر پڙهڻ شروع ڪيا. پاڻ فرمائن ٿا: مان اڃان پنهنجا شعر پڙهي ئي رهيو هئس تہ اوچتو هڪ ڊگهي قد وارو شخص حاضر ٿيو اُن اندر اچڻ جي اجازت گُهري. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فوراً مون کي چُپ ڪرايو. پوءِ اهو شخص اندر آيو، پنهنجي ضرورت جي جيڪا ڳالهہ ڪيس محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم سان ڪرڻي هئي ڪيائين ۽ هليو ويو. حضورِ انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: شعر اڳتي پڙهہ ....!. مون ٻيهر شعر پڙهڻ شروع ڪيا. ٿوري ئي دير گذري هئي تہ اهو شخص ٻيهر اندر آيو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم مون کي وري بہ چُپ ڪرايو. جڏهن هو هليو ويو تہ ٻيهر شعر پڙهڻ جي اجازت ملي. ٽي ڀيرا ائين ئي ٿيو. آخرڪار مون عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! هي شخص ڪير آهي، جو جڏهن بہ اچي ٿو تہ اوهان مون کي خاموش ڪرائي ڇڏيو ٿا؟ فرمايائون

هٰذَا عُمَرُ، هٰذَا رَجُلٌ لَا يُحِبُّ الْبَاطِل

**يعني:** هي عمر آهي، هي اهو شخص آهي جيڪو باطل کي پسند نہ ڪندو

آهي.[1]

يعني مان توکي ان ڪري خاموش ڪرائي رهيو آهيان تہ متان تون الله پاڪ جي حمد ۾ ڪا غلطي ڪري ويهين. مان تہ رَحۡمَةٌلِّلۡعَالَمِيۡنَ آهيان، نرمي ۽ محبت سان غلطي درست ڪرائي ڇڏيندس، پر جيڪڏهن عمر الله پاڪ جي شان ۾ ڪو غلط لفظ ٻڌي ورتو تہ ڪانئس اهو برداشت نہ ٿيندو.

فارِقِ حق و باطِل امامُ الھُدٰی | تیغِ مَسۡلُولِ شدَّت پہ لاکھوں سلام[2]

**وضاحت:** فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنه، جيڪي حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارا، هدايت جا امام ۽ اسلام جي دشمنن ۽ ظالمن خلاف اُگهاڙي تلوار هئا، تن تي لکين سلام هجن.

## شعر چيڪ ڪرائيندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت جي روشنيءَ ۾ حضرت اَسود رَضِیَ اللہُ عَنه جي محتاط طبيعت (*Cautious nature*) تي غور ڪريو. الله پاڪ جي حمد لکڻ وارو، نعتِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لکڻ وارو شاعر هجڻ وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي، پر ان سان گڏوگڏ حضرت اَسود رَضِیَ اللہُ عَنه جو احتياط بہ قابلِ تحسين آهي. پاڻ پنهنجا شعر بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪندا هئا ۽ انهن جي تفتيش (*Inspection*) ڪرائيندا هئا.

اڄڪلهہ اسان وٽ بہ ڪيترن ماڻهن کي شاعريءَ جو شوق هوندو آهي، پر اڄڪلهہ اِهو هڪ فيشن بڻجندو پيو وڃي. ڪجهہ ماڻهو تمام گهٽ پڙهيا لکيا

[1] معرفۃ الصحابہ لابی نعیم،جلد:1، صفحہ:255 بتصرف ۔

[2]… حدائقِ بخشش، صفحہ:312۔

هوندا آهن، ڪين ديني معلومات تہ تمام گهٽ پر نہ هئڻ جي برابر هوندي آهي، پر ان جي باوجود هُو حمديہ شعر ۽ نعتون لکندا آهن ۽ اهڙيون اهڙيون غلطيون ڪري ويندا آهن جو اَلْاَمَان وَالْحِفِيْظ...!! پر عام دنيوي شعر جيڪي لکندا آهن انهن ۾ بہ ڪافي غلطيون ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ هُو ڪفريہ جملا بہ لکي ڇڏيندا آهن ۽ کين خبر بہ نہ پوندي آهي. مٿان وري شرعي تفتيش ...!! ان جو تہ اسان جي معاشري ۾ رواج ئي ناهي. ذهن ۾ پري پري تائين اهو خيال بہ نہ هوندو آهي هِي بہ ڪو ڪرڻ جو ڪم آهي، بس جيڪو سندن ذهن ۾ ايندو آهي لکندا ويندا آهن.

## بيهُوده شاعريءَ جي مذمت

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ○ اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِيْ كُلِّ وَادٍ يَّهِيْمُوْنَ ○ وَاَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ (پارو: 19، سورة شعراء: 224-226) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ شاعرن جي پيروي تہ گمراهہ ماڻهو ڪندا آهن. ڇا تو نہ ڏٺو تہ شاعر هر واديءَ ۾ ڀٽڪندا ڦرندا آهن ۽ هي تہ اهي اهڙي ڳالهہ چوندا آهن جيڪي ڪندا ناهن. |
|---|---|

يعني **شاعرن** (*Poets*) جي عادت هوندي آهي تہ ◈ڪوڙا ۽ باطل شعر لکندا آهن ◈بي حيائي ۽ فحاشيءَ جون ڳالهيون ڪندا آهن ◈ڪڏهن فخر ۽ تڪبر ۾ اچي پنهنجي ئي تعريف ڪرڻ لڳندا آهن ◈ ڪڏهن ٻين جي مذمت ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن ◈تعريف ڪرڻ تي اچن تہ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏين ◈برائي ڪرڻ تي اچن تہ وڏن وڏن ماڻهن کي بہ گهٽ ڪري ڇڏين.

فرمايو ويو:

يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ

يعني اهڙن بي علم شاعرن جي پيروي ڪرڻ، سندن شعر ٻڌڻ، ياد ڪرڻ ۽ ٻين کي ٻڌائڻ سڀ گمراهي آهي.[1]

اهڙن شاعرن جو انجام ڇا آهي الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَسَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَيَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ (سيپارو: 19، سورة شعراء: 227) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ عنقريب ظالم ڄاڻيندا ته ڪهڙي پاسي تي ڦيرو کائيندا. |

يعني قيامت جي ڏينهن جڏهن انهن کي جهنم ۾ وڌو ويندو ته ڏسي وٺندا ته جهنم جي ڪهڙي پاسي ڦيرا کائي رهيا آهن.[2]

## بي حيائيءَ وارا شعر ياد ڪرڻ ڪيئن آهي.....؟

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته بي حيائيءَ وارا، عِشقيه فِسقيه شعر چوڻ به غلط آهي ۽ انهن کي ٻڌڻ، ٻڌائڻ ۽ ياد ڪرڻ به غلط آهي حديث پاڪ ۾ آهي: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "**جيڪڏهن توهان مان ڪنهن شخص جو پيٽ گند سان ڀرجي وڃي ته اِهو ان کان بهتر آهي ته سندس پيٽ شعرن سان ڀريل هجي**".[3]

[1] صراط الجنان، پاره:19 ، سورۀ شُعراء، زيرِ آيت: 224،جلد:7، صفحه:171 ملخصاً ـ
[2] صراط الجنان، پاره:19 ، سورۀ شُعراء، زيرِ آيت:227، جلد:7، صفحه:175ـ
[3] بخارى، كتاب الآداب، باب مايكره ان يكون الغالب...الخ، صفحه:1527، حديث:6155ـ

## شاعر ڪي ڪھڙو ھئڻ گھرجي.....؟

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان کي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب فرمائي، ڳالھ نڪتي آھي تہ ھِي بہ ٻڌي وٺو تہ شاعر کي ڪھڙو ھئڻ گھرجي ...؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ ذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا ۔(پارو: 19، سورة شعراء: 227) | ترجموڪنزالعرفان: پر اھي جن ايمان آندو ۽ انھن چڱا ڪم ڪيا ۽ اللّٰہ کي ڪثرت سان ياد ڪيائون. |

يعني شاعر ۾ ٽي خوبيون ھئڻ گھرجن: (1): سندس ايمان پڪو ھجي، ان مان ھن ڳالھ جي طرف اشارو ملي ٿو تہ شاعر کي ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ مڪمل علم ھئڻ گھرجي، نہ تہ شاعر شعرن جو وزن پورو ڪرڻ جي چڪر ۾ ڪفريہ جملا بہ لکي ويندا آھن (2): نيڪ عمل ڪرڻ وارو ھجي: اڄڪلھ ھن ڳالھ تي ڌيان ڏيڻ جي سخت ضرورت آھي. اسان وٽ شاعر ھجي ۽ نشي، بي پردگي ۽ فحاشيءَ وغيره کان بچيل ھجي، اھو تمام گھٽ ڏسڻ ۾ ايندو آھي (3): ذِڪرُالله جي ڪثرت ڪرڻ وارو ھجي: عالمن فرمايو آھي تہ ھوُ شاعري بہ ڪري تہ ذڪرالله تي مشتمل ڪري، الله پاڪ جي حمد لکي، نعتون لکي، صحابہ ڪرام، اھلِ بيت ۽ اولياءِ ڪرام جون منقبتون لکي ۽ عِشقيہ فِسقيہ شاعريءَ جي طرف ھرگز نہ وَڃي.[1]

## اميرِاھلسنت جي اعليٰ تقويٰ

ھاڻي ڳالھ اچي ٿي پنھنجن شعرن جي جاچ ڪرائڻ جي. يعني دنياوي ۽

[1] صراط الجنان، پاره:19 ، سورۂ شُعراء، زيرِ آيت:227، جلد:7، صفحہ:174 بتصرف۔

فضول شاعري تہ ڪرڻي ئي نہ آهي، حمد لکڻي آهي، نعت لکڻي آهي يا منقبت لکڻي آهي اُها لکجي وئي هاڻي ان کي چيڪ بہ ڪرائڻو آهي، ڪنهن سني ۽ ماهر دارالافتاء ۾ موجود عاشقِ رسول مفتي صاحب کان ضرور جاچ ڪرائڻ گهرجي. الحمدﷲ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اهو بهترين معمول آهي. پاڻ نهايت باڪمال شاعر آهن، پاڻ صرف ۽ صرف ديني شاعري ئي ڪندا آهن ۽ مَاشَآءَالله! پاڻ بهترين ۽ ماهر عالمِ دين بہ آهن. دين جي نازڪ ڳالهين کي نهايت گهرائي سان سمجهندا آهن، ان جي باوجود سندن تقويٰ جو اِهو عالَم آهي جو پنهنجو هڪ هڪ شعر باقاعده مفتي صاحب کان چيڪ ڪرائيندا آهن.

جيڪي بہ شاعري ڪندا آهن، يا شعر پڙهندا آهن، يا شعر ياد ڪندا آهن، انهن کي بہ هي انداز اختيار ڪرڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُﷲ! نئون اسلامي سال عنقريب شروع ٿيڻ وارو آهي. اسلامي سال جو پهريون مهينو محرم الحرام جلد ئي تشريف کڻي ايندو ۽ هن مهيني جي پهرين تاريخ تي مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جو يومِ شهادت آهي ◈حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنه تمام بلند مرتبي وارا صحابي آهن ◈دنيا ۾ سندن نالو مبارڪ نالو **عُمَر** آهي ◈ آسمانن ۾ ڪين **فاروق** جي نالي سان سجاتو ويندو آهي ◈آسماني ڪتاب توريت شريف ۾ سندن نالو مَنْطِقُ الْحَقّ (يعني حق جي ڳالهہ ڪرڻ وارو) آهي

◈ انجيل شريف ۾ سندن نالو **ڪافي** آهي ◈ ۽ جنت ۾ سندن مبارڪ نالو **سِراج** (يعني چراغ) هوندو. (1)

حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ مڪي پاڪ ۾ پيدا ٿيا◈ هڪ روايت موجب پاڻ **39** مَردن کان پوءِ مسلمان ٿيا.(2) تنهنڪري ڪين مُتَمِّمُ الْاَرْبَعِين (چاليهن جو انگ پورو ڪرڻ وارو) چيو ويندو آهي ◈سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سندن اسلام آڻڻ لاءِ دعا فرمائي هئي، تنهنڪري ڪين **مُرادِ رسول** بہ چوندا آهن.(3) سندن عدل ۽ انصاف بي مثال هو، تنهنڪري ڪين اَعْدَلُ الْاَصْحَاب (يعني صحابہ ۾ سڀ کان وڌيڪ عدل ڪرڻ وارو) چيو ويو.(4) ◈حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ **63** سال دنيا ۾ جلوه افروز رهيا. تقريباً **10** سال **5** مهينا ۽ 21 ڏينهن خلافت جا فرض نهايت سهڻي نموني انجام ڏيندا رهيا.[5] (6) آخرڪار پهرين محرم الحرام تي شهادت جو رتبو ماڻيائون ۽ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ پاسي ۾، سائي گنبذ جي اندر دفن ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪيائون.

حياتی میں تو تھے ہی خدمتِ محبوبِ خالق میں | مزار اب ہے قریبِ مصطفٰے فاروقِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1…رياض النضرة، جز:2، الباب الثانی، الفصل الثانی فی اسمه و کنيه، صفحه:235 بتقدم وتاخر۔

2…معرفة الصحابة، باب الارقم بن ابی الارقم، جلد:1، صفحه:293 خلاصةً۔

3…ابن ماجه، المقدمه، فضل عمر رَضِیَ اللّٰہُ عنه، صفحه:31، حديث:105 خلاصةً۔

4…فيضان فاروق اعظم، جلد:1، صفحه:51۔

5 طبقات کبریٰ، جلد:3، صفحه:278۔

6… تاريخ اوسط، صفحه:50، رقم:373۔

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ نيڪ مومن آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي شان ۾ ڪيترين ئي آيتون نازل ٿيون آهن. برڪت جي لاءِ هڪ آيتِ ڪريمه پڙهو. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَ جِبْرِيْلُ وَ صَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَۚ (پارو: 28، سورة تحريم: 4) | ترجمو ڪنزالعرفان: ته بيشڪ الله پاڪ ان جو مددگار آهي ۽ جبريل ۽ نيڪ ايمان وارا |

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم هن آيت جي تفسير ۾ فرمايو صَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَبُوْبَكْرٍ وَّ عُمَرُ يعني هن آيت ۾ نيڪ مومنن مان مراد ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہما آهن (1)

## حق عمر جي دل ۾ رکيو ويو آهي

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اللّٰهَ جَعَلَ الْحَقَّ عَلٰى لِسَانِ عُمَرَ وَ قَلْبِهٖ بيشڪ الله پاڪ عمر جي زبان ۽ دل تي حق رکي ڇڏيو آهي. (2)

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي ته نبين جي سرور، آقاءِ عمر صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: آسمانن ۾ ڪو به فرشتو اهڙو ناهي جيڪو عمر جي عزت نه ڪندو هجي ۽ زمين تي ڪو به شيطان اهڙو ناهي جيڪو عمر کان ڊڄي نه ڀڄندو

---

1…تفسير دُرِّمنثور، پاره:28 ، التحريم، زيرِ آيت:4، جلد:8، صفحہ:223۔

2…معجم ڪبير، جلد:5، صفحہ:146، حديث:10326۔

هجي. (1)

## فاروق لقب جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو تمام مشهور ۽ معروف لقب **فاروق** آهي. هي لقب ايترو تہ مشهور لقب آهي جو گهڻن کي تہ خبر ئي نہ هوندي تہ سندن اصل نالو صرف **عمر** آهي. عام طور تي ماڻهو **عمر فاروق** کي ئي سندن نالو سمجهندا آهن، جڏهن تہ **عُمَر** سندن نالو آهي ۽ **فارُوق** سندن لقب آهي.

**فاروق** جي معنيٰ آهي :حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارو حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي پاڪيزه طبيعت ۾ هي تمام نمايان پهلو هو تہ پاڻ باطل کي بلڪل برداشت نہ ڪري سگهندا هئا.

## مان حق کي لِڪائي نہ ٿو سگهان

جڏهن پاڻ اسلام قبول ڪيائون، ان وقت مڪي پاڪ ۾ اجان مشڪلاتون هيون، تنهنڪري جڏهن بہ ڪو نئون شخص مسلمان ٿيندو هو تہ پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ان کي في الحال پنهنجو ايمان پوشيده رکڻ جو حڪم ڏيندا هئا. روايت آهي تہ جڏهن حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڪلمو پڙهيو تہ حضورِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کين فرمايو: اُسْتُرْهُ يعني اي عمر! پنهنجو ايمان پوشيده رک....!! پاڻ ادب سان عرض ڪيائون: ”اِهو مون کان نہ ٿيندو“

وَالَّذِی بَعَثَكَ بِالْحَقِّ لَاَعْلَنَنَّهُ كَمَا اَعْلَنْتُ الشِّرْكَ

---

1…جامع صغير، صفحه:486، حديث:7953۔

ان ذات جو قسم جنهن توهان کي حق ٻڌائي موڪليو آهي، جيئن اڳ ۾ مان شِرڪ سَرِ عام ڪندو هئس، هاڻي حق جو اعلان بہ سَرِ عام ڪندس. [1]

## حق قبول ڪرڻ جو نرالو اعلان

پيارا اسلامي ڀائرو! هن موقعي تي هڪ تمام دلچسپ واقعو پيش آيو. حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڪلمو تہ **دارِارقم** (*Dar Arqam*) ۾ پڙهيو هو ۽ مڪي ۾ ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي تہ پاڻ مسلمان ٿي چڪا آهن. اها ڳالهہ ڪين برداشت نہ ٿي. پاڻ حق تي هئا ۽ سيني کي ٻڌائڻ پئي چاهيائون، ان ڪري سوچي رهيا هئا تہ اهڙو ڪهڙو طريقو اختيار ڪجي جو سيني کي خبر پئجي وڃي تہ مان مسلمان ٿي چڪو آهيان.

ان جي لاءِ پاڻ جيڪو طريقو اختيار فرمايائون، ان سلسلي ۾ مان ڪجهہ روايتن کي گڏ ڪري عرض ڪري رهيو آهيان تہ پاڻ هڪ غير مسلم جي گهر ويا، سندس دروازو کڙڪايائون اهو شخص ٻاهر آيو تہ پاڻ ان کي چيائون: چا توکي خبر آهي تہ مان مسلمان ٿي چڪو آهيان؟ ان شخص حيرت وچان چيو: چا واقعي؟ پاڻ فرمايائون: ها، واقعي جنهن تي هن وراڻيو: عمر! ائين نہ ڪر! ائين چئي هن دروازو بند ڪري ڇڏيو.

هاڻي پريشان ٿي ويا تہ **هي ڇا** هُن تہ ڪجهہ چيو ئي ڪونہ ڪنهن سان ڳالهہ ئي نہ ڪيائين پوءِ پاڻ قريش جي هڪ ٻئي وڏي سردار جي گهر ويا دروازو کڙڪايائون اهو سردار ٻاهر نڪتو، هن کي ٻڌايائون مان مسلمان ٿي چڪو آهيان، هن بہ ڪين اسلام آڻڻ کان منع ڪيو ۽ خاموشيءَ سان دروازو

[1] مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب المغازی، اسلام عمر بن الخطاب، جلد:8، صفحہ:452، حدیث:1۔

بند ڪري ڇڏيائين[1]. اهڙي طرح پاڻ هڪ هڪ جي دروازي تي ويندا رهيا پر سندن جيڪو مقصد هو ته پوري مڪي ۾ منهنجي ايمان آڻڻ جي خبر پکيڙجي وڃي سو ڪين حاصل نه ٿي سگهيو. پوءِ پاڻ سوچيائون ته اسلام جو سڀ کان وڏو دشمن ابوجهل آهي، ان ڏانهن وڃان ٿو، پوءِ پاڻ ابوجهل وٽ ويا، ان ڪي به ٻڌايائون پر هو به بزدل نڪتو هن به خاموشي سان دروازو بند ڪري ڇڏيو.

حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جو مڪي ۾ هڪ رعب هو، تنهنڪري ڪو به ڪين تڪليف ڏيڻ لاءِ همت نه ڪري رهيو هو، سيئي ڪائنڻ ڏجي رهيا هئا، ڪين سمجهه ۾ نه پئي آيو ته آخر مان مڪي ۾ پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيان ته ڪيئن ڪيان؟ نيٺ انهن کي هڪ ترڪيب سمجهه ۾ آئي پاڻ ماڻهن کان پڇيائون ته: مَنْ اَنَمُّ النَّاسِ مڪي ۾ سيني کان وڏو چغل خور ڪير آهي؟ ڪين ٻڌايو ويو ته فلاڻو سيني کان وڌيڪ چغل خور آهي. پاڻ ان وٽ ويا ۽ ڪيس چيائون: خبر اٿئي ته مان مسلمان ٿي چڪو آهيان ..... پر ڏِسُ! ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجانءِ ....!![2]

يعني پاڻ هڪ حربو استعمال ڪيائون، اهو شخص ته هو ئي چغل خور هن کي ڄاڻي واڻي چيائون ته ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجانءِ ته جيئن هُو جلدي جلدي ان خبر کي ڦهلائي ڇڏي، اجان پاڻ اتي ئي وينا هئا ته اهو شخص مسجدِ حرام ڏانهن روانو ٿي ويو، پاڻ سمجهي ويا ته تير نشاني تي لڳي چڪو آهي، پاڻ به ان جي پويان پويان هلڻ لڳا، هو جڏهن مسجدِ حرام ۾ پهتو ته اتي ڪيترائي ڪافر ۽ سندن وڏا وڏا سردار موجود هئا ان وڏي آواز سان اعلان ڪندي چيو:

[1] مسند بزار، جلد:1، صفحه:402، حديث:279ـ
[2] مسند بزار، جلد:1، صفحه:260، حديث:156ـ

اَلَااِنَّ عُمَرَقَدْ صَبَاَ اي ماڻهو ....!! ٻڌو ....!! بيشڪ عمر صابي (يعني بي دين) ٿي ويو آهي.

پاڻ فرمايائون تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين مان صابي (يعني بي دين) نه پر صحابي ٿي ويو آهيان.[1]

بہارِ باغِ ایماں، حضرت فاروقِ اعظم ہیں | چراغِ بزمِ عرفاں، حضرت فاروقِ اعظم ہیں
نمایاں آپ کی ہر اِک ادا سے شانِ فاروقی | خدا کی تیغِ بُرَّاں، حضرت فاروقِ اعظم ہیں (2)

**وضاحت:** ايمان جي باغ جي بَهارَ ۽ معرفت جي محل جو چراغ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنہ جي ذات آهي، انهن جي هڪ هڪ ادا مان حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ جون صفتون ظاهر آهن ائين ڪٽي چئجي ته سندن ذات الله پاڪ جي تيز ڌارَ واري تِکي تلوار آهي.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حق لِڪايو نه ويندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنہ جو جذبو ڏسو. پاڻ ڪلمو پڙهي چڪا آهن، اِها ڳالهه هاڻي لڪائڻ جي نه آهي، ظاهر ڪرڻ جي آهي پاڻ ڪيڏي نه اهتمام سان ماڻهن کي ٻڌايائون ته **عُمَر مسلمان ٿي چڪو آهي.**

اسان وٽ ماڻهو پاڻ کي لڪائيندا آهن. مثال طور: ◈ ڪيترائي نمازي

---

[1] ابن حبان، كتاب اخباره عن مناقب الصحابة، ذكر وصف اسلام عمر...الخ، صفحہ:1833، حديث:6879۔

2...ديوانِ سالک، صفحہ:73۔

ماڻھو ڏاڙھي نہ رکندا آھن ◈عمامو شريف نہ سجائيندا آھن تہ ماڻھو **مولوي** سمجھندا.

واھ چا ڳالھ ڪجي ...!! اڙي ياءُ ...! اِھو تہ ضروري آھي، ماڻھن کي سمجھڻ گھرجي تہ مان **مولوي آھيان** ان ۾ ڪھڙي شرمائڻ جي ڳالھ آھي ◈ڪجھ ماڻھو عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سان تمام گھڻي محبت ڪندا آھن، شديد محبت ڪندا آھن، پر پنھنجي عمل سان ان جو اظھا نہ ڪندا آھن. مثال طور: عمامو نہ ٻڌندا آھن، سنت جي مطابق لباس نہ پائيندا آھن عطاري ھئڻ جي باوجود بہ پنھنجي نالي سان عطاري نہ لکندا آھن. جڏھن ڪانئن پڇيو ويندو آھي تہ اڙي ياءُ ائين چو ڪري رھيو آھين تہ جواب ملندو آھي ان ڪري جو ماڻھو مون کي **اسلامي ياءُ** سمجھندا، ڪِن کي شيطان ھي بھانو سيکاري ڇڏيندو آھي تہ مان مارڪيٽ (*Market*)۾ ھوندو آھيان، اتي ڪُوڙ وغيرہ بہ ڳالھائڻو پئجي ويندو آھي، جيڪڏھن مون عمامو ٻڌو تہ منھنجي ڪري دعوتِ اسلامي جي بدنامي ٿيندي. اھڙن کي ڪير سمجھائي تہ پيارا ياءُ بغير عمامي جي بہ ڪُوڙ ڳالھائڻ گناھ آھي. توھان ظاھر (*Show*)ڪيو تہ توھان اسلامي پائر آھيو ۽ ڪوڙ کان بہ بچو، توھان ظاھر ڪيو تہ توھان دعوتِ اسلامي وارا آھيو ۽ اھڙن ڪمن کان بہ بچو جيڪي دعوتِ اسلامي جي بدناميءَ جو سبب بڻجندا آھن. بھرحال! جڏھن حق اپنايو آھي تہ پوءِ ڏجڻ چا جو؟ کُلي ڪري اظھار ڪريو تہ ھا! مان حق مڃڻ وارو. آھيان اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ لکن ٿا:

اے دِل یہ سُلگنا کیا، جلنا ہے تو جَل بھی اُٹھ | دَم گُھٹنے لگا ظالِم کیا دُھونی رَمائی ہے

**وضاحت:** يعني اي دل ...!! عشقِ رسول ۾ هلڪو هلڪو پڄرين ڇو ٿي؟ هي دُونهِين ڇو دُکائي اٿئي، عِشقِ رسول جو اهڙو مَچُ مَچاءِ جو سيني کي خبر پوي تہ هي عاشقِ رسول آهي.

## حق کي نہ لِڪايو....!!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ تَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ<br>(پارو: 3، سورة آل عمران: 71) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ حق کي لڪايو ٿا حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا. |

معلوم ٿيو تہ حق کي لڪائڻ نہ گهرجي ◈ اوهان عاشقِ رسول آهيو ◈ اوهان مولوي آهيو ◈اوهان ديندار آهيو ◈اوهان مذهبي ذهن رکڻ وارا آهيو ◈اوهان عاشقانِ رسول سان محبت رکڻ وارا آهيو تہ ان کي نہ لڪايو، پنهنجي عمل سان، پنهنجي گفتگو جي ذريعي، پنهنجي ڪردار سان ۽ ظاهري حليي مان ان جو اظهار ڪريو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسندؤ.

## فاروق لقب ڪيئن مليو....؟

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: مون حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه کان پڇيو: توهان کي فاروق جو ڇيو ويندو آهي؟ پاڻ فرمايائون: حضرت امير حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْه مون کان 3 ڏينهن اڳ اسلام قبول ڪيو، پوءِ الله پاڪ منهنجو سينو اسلام لاءِ کولي ڇڏيو ۽ مان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس، ان وقت مسلمانن ايترو تہ زور سان نعرهءِ تڪبير بلند ڪيو جو ان جو آواز ڪعبة الله شريف ۾ ٻڌو ويو. مون عرض ڪيو يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ

وَسَلَّمچا زندگي ۽ موت ٻنهي حالتن ۾ اسان حق تي نہ آهيون؟ فرمايائون: **چو نہ! الله پاڪ جو قسم، توهان ماڻهو حق تي آهيو.** مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پوءِ اسان لِڪندا ڇو ٿا وَتُون؟ ان رب جو قسم جنهن توهان کي رسول بڻائي موڪليو آهي اسان ضرور ٻاهر نڪرنداسين. پوءِ اسان ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختيار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن کي اهڙي طرح ٻاهر وٺي آياسين جو اسان جون ٻہ صفون هيون پهرين صف ۾ حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰہُ عَنہ ۽ ٻوئين صف ۾ آئون هئس. اسان مسجدِ حرام ۾ داخل ٿياسين تہ قريش جي ڪافرن هڪ نظر مون تي ۽ ٻي نظر حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰہُ عَنہ تي وِڌِي، مٿانئن اهڙو تہ خوف طاري ٿي ويو جو ان ڪان اڳ ڪڏهن طاري نہ ٿيو هو، ان ڏينهن خَاتَمُ الْمُرْسَلِيْن، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم منهنجو نالو **فاروق** رکيو، ڇو جو الله پاڪ منهنجي وسيلي سان حق ۽ باطل ۾ فرق ظاهر فرمائي ڇڏيو.[1]

دوسرے بر حق خلیفہ نائبِ میرِ حجاز | شوکتِ اسلام کا وہ اک نشانِ امتیاز
نامِ نامی تھا عمر جن کا، لقب فاروق تھا | پیکرِ عزم و حمیّت، صاف ظاہر پاکباز

**وضاحت:** الله پاڪ جي حبيب جا ٻيو نمبر خليفهءِ برحق، جن جو نالو عمر ۽ لقب فاروق آهي. اسلام جي شان ۽ شوڪت جا امتيازي نشان آهن، پاڻ عزم،حوصلي، ديني غيرت ۽ ظاهري ۽ باطني پاڪيزگيءَ جا علمبردار هئا.

[1] حلية الاولياء، جلد:1، صفحه:75، رقم:93 ملخصاً.

## الله پاڪ فاروق لقب عطا فرمايو

حضرت نَزَّال بن سَبره رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ کي عرض ڪيو تہ اسان کي حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو، تہ فرمايائون: مسلمانن جا ٻيو نمبر خليفا حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ اها شخصيت آهن جن کي الله پاڪ فاروق جو لقب عطا فرمايو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ حق کي باطل کان جدا ڪري ڏيکاريائون.[1]

## آسمانن ۾ سندن نالو فاروق آهي

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ کان روايت آهي تہ خَاتَمُ الْمُرْسَلِيْن، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مان مسجد ۾ وينو حضرت جبرائيل اَمين سان گفتگو ڪري رهيو هيس تہ اوچتو حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ اچي ويا. جبرائيل امين عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! ڇا هي عمر تہ نہ آهن؟ مون فرمايو: جي ها، پوءِ مون پڇيو: اي جبرائيل ڇا زمين وانگر آسمانن ۾ بہ سندن ڪو خاص نالو آهي؟ جبرائيل وراڻيو:

اِنَّ اِسْمَهُ فِي السَّمَاءِ اَشْهَرُ مِنْ اِسْمِهٖ فِي الْاَرْضِ اِسْمُهُ فِي السَّمَاءِ فَارُوْقٌ وَفِي الْاَرْضِ عُمَرُ

**يعني:** يا رسول االله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! آسمانن ۾ جيڪو سندن نالو آهي اُهو زمين جي نسبت وڌيڪ مشهور آهي. زمين تي انهن جو نالو **عمر** آهي ۽ آسمانن ۾ سندن نالو **فاروق** آهي.[2]

---

[1] تاريخ مدينہ دمشق، جلد:44، صفحہ:50۔
[2] رياض النضرة، الباب الثانی...الخ، الفصل الثانی...الخ، جز:2، صفحہ:235، رقم:570۔

## جنتي وڻن جي پنن تي سندن نالو فاروق لکيل آهي

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰہُ عَنہ کان روايت آهي ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختيار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

فِي الْجَنَّةِ شَجَرَةٌ مَا عَلَيْهَا وَرَقَةٌ اِلَّا مَكْتُوْبٌ عَلَيْهَا لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ اَبُوْبَكْرِنِ الصِّدِّيْقُ عُمَرُ الْفَارُوْقُ عُثْمَانُ ذُو النُّوْرَيْن

**يعني:** جنت ۾ هڪ وڻ آهي جنهن جي هر پن (*leaf*) تي هي لکيل آهي ته: الله پاڪ کان سواءِ ڪوئي معبود نہ آهي، محمد صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم الله جا رسول آهن، ابوبڪر صديق آهن، عمر فاروق آهن، عثمان ذوالنورين آهن.[1]

## قيامت ۾ ڪين "فاروق" نالي سان سڏيو ويندو

حديث پاڪ ۾ آهي تہ قيامت جي ڏينهن هن طرح اعلان ٿيندو: عمر فاروق ڪٿي آهن؟ ڪين حاضر ڪيو وڃي. جڏهن انهن کي حاضر ڪيو ويندو تہ الله پاڪ ارشاد فرمائيندو: اي ابو حفص! توکي مبارڪ (*Congratulations*)هجي. هي تنهنجو اعمالنامو آهي. چاهين تہ ان کي پڙهہ، يا نہ چاهين تہ نہ پڙهہ، چو جو مان تنهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي آهي.

## توهان بہ فاروق بڻجي وڃو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰہُ عَنہ **فاروق** آهن، يعني حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارا آهن. پاڻ حق کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهن ۽ باطل کي برداشت نہ ٿا ڪري سگهن. ان مان اسان کي بہ سبق ملي ٿو، اسان يقيناً

[1] معجم ڪبير،جلد:11، صفحہ:269، حديث:10930۔

**اهڙي شان وارا فاروق** تہ نہ ٿا بڻجي سگهون، پر حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ جي خوبي اسان جي اندر بہ هجڻ گهرجي.

اِهو ضروري آهي تہ اسان حق تي ايترا تہ مضبوط هجون جو جتي بہ قدم رکون، اتي حق جو غلبو ٿي وڃي. توهان اهڙا ماڻهو ڏٺا هوندا جن کي ڏسي ◈ ماڻهو گانا بند ڪري ڇڏيندا آهن ◈ پري کان ڏسندا آهن  تہ فلاڻو صاحب اچي رهيو آهي تہ  فلم وغيره هلندي هوندي آهي تہ بند ڪري ڇڏيندا آهن ◈ اسان جي خاندانن (*Families*) ۾ بہ اهڙا ماڻهو هوندا آهن، شادي، وِهانءُ يا ڪو ٻيو فنڪشن وغيره هجي تہ الله معاف فرمائي ماحول اهڙو هوندو آهي جو عورتون بي پردگي ڪنديون آهن اهڙي ماحول ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن جي کي ڏسي عورتون پردو ڪرڻ لڳنديون آهن.

تنهنڪري اسان جو اهڙو اميج (*Image*) هئڻ گهرجي، پنهنجي گهر ۾، پنهنجي خاندان ۾، اوڙي پاڙي ۾، يارن دوستن ۾ ۽ پاڻ سان گڏ اٿڻ ويهڻ وارن ۾ اسان جي شخصيت جو هي معيار هئڻ گهرجي تہ  ◈ هي گانا پسند نہ ڪندو آهي ◈ هي فلمون نہ ڏسندو آهي ◈ هي گِلا غيبت نہ ٻڌندو آهي ◈ هي چغلي نہ ٻڌندو آهي ◈ هن جي سامهون ڪنهن جي برائي نہ ٿي ڪري سگهجي ◈ جيڪڏهن فلاڻي  کي گهر ۾ گهرائڻو آهي تہ گانا باجا بند ڪرڻا پوندا ◈ اسان جي گهر جو ماحول اهڙو هئڻ گهرجي جو جيڪڏهن ڪو مهمان اچي تہ کيس معلوم هئڻ گهرجي تہ هن گهر ۾ اچي نمازون پڙهڻيون پونديون ◈ هتي مان موبائل جو غلط استعمال نہ ٿو ڪري سگهان.

## شيطان مُنهُن لِڪائي ڀڄي ويندو آهي

حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي شخصيت جو اثر ڏسو! ڪيڏو پيارو هو انسان نہ انسان رهيا، سندن خاندان وارا تہ خير هئا ئي تقويٰ ۽ پرهيزگاري وارا، پر بدبخت شيطان جيڪو پاڻ براين جي کاڻ آهي ان تي بہ سندن اهڙو رعب هو جو ڪين ڏسي هُو بہ پنهنجو رستو مَٽائي ويندو هو. حديثِ پاڪ ۾ آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: وَالَّذِی نَفْسِی بِیَدِہٖ، مَالَقِیَكَ الشَّیْطَانُ سَالِكًا فَجًّا اِلَّا سَلَكَ فَجًّا غَیْرَ فَجِّكَ يعني ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! اي عمر، شيطان توکي ڪنهن رستي ۾ ڏسي وٺي تہ پنهنجو رستو بدلائي ٻي رستي کان هليو ويندو آهي.[1]

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ فرمايائون: بيشڪ مون شيطان جنن ۽ شيطان (شيطان جهڙي صفت وارن) انسانن کي عمر کان ڀڄندي ڏٺو آهي.

سُبْحٰنَ الله! هي تاثير آهي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جو، جو جتي پاڻ هجن، اتي شيطان نہ ايندو آهي. پر حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي پاڪ نالي ۾ بہ اهڙو تاثير آهي جو سندن نالو ٻڌي شيطان ڀڄي ويندو آهي، علماءِ ڪرام لکن ٿا تہ جنهن شخص کي شيطان خواب ۾ اچي تنگ ڪندو هجي يعني شيطان جي شرارت سبب  بار بار ننڊ ۾ متس غسل فرض ٿي ويندو هجي تہ اُهو رات جو سمهڻ وقت آڱر سان پنهنجي سيني تي **عمر** لکي ڇڏي، شيطان جي جرئت نہ ٿيندي تہ ڪيس خواب ۾ اچي بہ پريشان ڪري سگهي.

---

[1] بخاري، ڪتاب بدء الخلق، باب صفة ابليس و جنوده، صفحہ:840، حديث:3294۔

اَلحمدُلله! هي سندن مبارڪ نالي مبارڪ جو تاثير (*Effect*)آهي پر افسوس! اسان فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنہ جا ديوانا ◈ شادي جي فنڪشن ۾ موجود هوندا آهيون، پر اتي گانا باجا بند نہ ٿيندا آهن ◈ اسان جي موجودگيءَ ۾ غيبتون ٿي رهيون هونديون آهن ۽ اسان کي ڪا پرواهہ نہ هوندي آهي ◈ اسان جي هوندي گهر وارا نمازون نہ پڙهندا آهن ۽ اسان کي ڳڻتي نہ ٿيندي آهي ◈ اسان جي هوندي گناهہ ٿي رهيا هوندا آهن ۽ اسان کي ان جو فڪر نہ هوندو آهي.

## نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا ڪريو!

الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي. اسان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ گهرجي، محبت سان، نرمي سان، حڪمتِ عملي سان. سختي ڪنهن سان نہ ڪرڻي آهي، رڙيون دانهون ڪنهن سان نہ ڪرڻيون آهن، جيستائين شريعت اجازت نہ ڏئي ڪنهن سان ڳالهہ ٻولهہ بند نہ ڪرڻي آهي. بس هر هڪ کي پيار ۽ محبت سان نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻي آهي، جيڪڏهن اسان هر وقت، هر هنڌ ۽ هر ڪنهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي ويندا سين تہ آهستي آهستي ماڻهن جي ذهنن ۾ پنهنجو پاڻ اسان جو سٺو اميج قائم ٿي ويندو.

## فاروقِ اعظم نيڪيءَ جي دعوت ڏني

روايت آهي تہ جڏهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنہ تي قاتلاڻو حملو ٿيو ۽ پاڻ سخت زخمي حالت ۾ هئا، تہ ان وقت ماڻهو سندن عيادت لاءِ اچي رهيا هئا. هڪ نوجوان بہ حاضر ٿيو، ان عيادت ڪئي جڏهن هُو واپس وڃڻ لڳو تہ پاڻ ڏٺائون تہ سندس شلوار پيڏين کان هيٺ زمين سان گِهلجي رهي

آهي، پاڻ ان نوجوان کي واپس گهرايائون ۽ ڪيس پيار سان سمجهاڻي ڏيندي فرمايائون: يَا ابْنَ اَخِی! اِرْفَعْ ثَوْبَكَ فَاِنَّهٗ اَنْقٰی لِثَوْبِكَ وَ اَتْقٰی لِرَبِّكَ اي ڀائٽيا! پنهنجو ڪپڙو مٿي ڪر (يعني پيڏين کان مٿي رک)، ائين تنهنجا ڪپڙا صاف رهندا ۽ تنهنجي رب وٽ تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جو سبب بڻجندا.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! توهان فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه جو جذبو ڏسو! زخمي آهن، شديد تڪليف ۾ آهن، موت جي بستري تي آهن، ان جي باوجود نيڪيءَ جي دعوت عام فرمائي رهيا آهن.

## اُمتِ مسلم جي ذميواري

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (پارو: 4، سورة آل عمران: 110) | ترجمو ڪنزالعرفان: (اي مسلمانو!) توهان بهترين امت آهيو جيڪا ماڻهن (جي هدايت) جي لاءِ ظاهر ڪئي وئي، توهان ڀلائي جو حڪم ڏيندا آهيو ۽ برائي کان منع ڪندا آهيو |

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه فرمائن ٿا: سڀ مسلمان مبلغ آهن، سڀني تي فرض آهي ته ماڻهن کي نيڪ ڳالهين جو حڪم ڏين ۽ برين ڳالهين کان منع ڪن[2] اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بَلِّغُوْا عَنِّیْ وَلَوْ اٰيَةً يعني منهنجي

---

[1] ابن حبان، كتاب اخباره عن ...الخ، ذكر رضا المصطفى عن عثمان...الخ، صفحہ:1844، حديث:6917۔
[2] تفسير نعيمى، پاره:4 ، سورۂ اٰل عمران، زيرِ آيت:104، جلد:4، صفحہ:79۔

طرفان پهچائي ڇڏيو، جيتوڻيڪ هڪ آيت ئي ڇو نہ هجي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٿورو غور ڪريون تہ اسان دين جون جيتريون ڳالهيون ڄاڻون ٿا ڇا اهي ٻين تائين پهچايون ٿا؟ ◈ ڪير نہ ٿو ڄاڻي تہ پنج نمازون فرض آهن؟ ڇا اسان ٻين کي نماز جي دعوت ڏيندا آهيون؟ ◈ ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ رمضان جا روزا فرض آهن؟ ڇا اسان روزا رکڻ جي دعوت ڏيندا آهيون؟ ◈ ڪير نہ ٿو ڄاڻي تہ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ نيڪيءَ جو ڪم آهي؟ ڇا اسان تلاوتِ قرآن جي دعوت ڏيندا آهيون؟ ◈ ڪير نہ ٿو ڄاڻي تہ وياج جي ڏيتي ليتي ڪرڻ، گانا ٻڌڻ، فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ، بي پردگي وغيره گناهہ جا ڪم آهن؟ ڇا اسان ماڻهن کي انهن کان روڪيندا آهيون؟ افسوس! اسان مان اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي جيڪي اهي ڪم نہ ڪندا آهن (يعني ڪيتريون ئي ڳالهيون ڄاڻڻ جي باوجود بہ اسان نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ کان محروم رهندا آهيون) اسان جيترو دين ڄاڻيندا آهيون، اوترو ٻين تائين پهچائيندا نہ آهيون ۽ نہ ئي وڌيڪ علمِ دين سکڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون.

## بهترين انسان جون نشانيون

حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ: ڪنهن حضورِ انور، مڪي مديني جي تاجور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو: بهترين شخص ڪير آهي؟ فرمايائون: اللّٰہ پاڪ کان ڊڄڻ وارو، صلهٔ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) ڪرڻ وارو، سٺيون ڳالهيون ٻڌائڻ وارو ۽ برائيءَ کان روڪڻ وارو.[2]

---

[1] بخاری، کتاب احادیث الانبیاء، صفحہ:888، حدیث:3461۔

[2] شُعب الایمان، باب فی صلة الارحام، جلد:6، صفحہ:220، حدیث:7950

## الله ۽ رسول جو خليفو ڪير آهي.....؟

امام حسن بصري رَحمَةُاللهِعَلَيه فرمائن ٿا: جيڪو نيڪيءَ جو حڪم ڏئي ۽ برائيءَ کان روڪي، اهو الله پاڪ جو به خليفو آهي، ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو به خليفو آهي ۽ ان جي ڪتاب (يعني قرآن ڪريم) جو به خليفو آهي.[1]

الله پاڪ اسان کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارو، گناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ وارو بڻجڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

ڪاش! اسان پنهنجو اهڙو معيار بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون جو ماڻهو اسان کي ڏسي گناهن کان بچڻ لڳن ۽ نيڪين ڏانهن وڌڻ لڳن.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## يومِ فاروق ملهايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! **پهرين محرم شريف تي يومِ فاروقِ اعظم آهي**، هن ڏينهن پاڻ شهيد ٿيا هئا. تنهنڪري ◈ نيڪ مؤمن، نهايت مضبوط دين واري، عظيم الشان صحابيءِ رسول، مسلمانن جي ٻئي خليفي، وزيرِ مصطفيٰ حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنه جي ياد ملهايو ◈ گهر ۾ ◈ آفيس ۾ ◈ دڪان تي ◈ جتي جتي ممڪن هجي، سندن ايصالِ ثواب جو اهتمام ڪريو! ◈ ٿي سگهي ته کيرڻي به ورهايو! ◈ ممڪن هجي ته مختصر محفل جو به اهتمام ڪريو ◈ گهر ۾ ته ضرور اهتمام ڪريو! ◈ سيني گهر وارن کي گڏ ڪري حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنه جو ذڪرِ خير ڪريو ◈ اميرِ اهلِ سنت مولانا

[1] تفسير روح المعانی، پارہ:4 ، سورۂ اٰل عمران، زيرِ آيت:104، جلد:4، صفحہ:326۔

محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هڪ تمام پيارو رسالو آهي **ڪراماتِ فاروقِ اعظم**. هي رسالو مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪريو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ *www.dawateislami.net* تان ڊائون لوڊ ڪريو! هي رسالو گهرن ۾ پڙهي ٻڌايو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بيشمار برڪتون حاصل ٿينديون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ عشقِ رسول وڌائڻ، سنتن تي عمل ڪرڻ، نيڪ نمازي ٻڻجڻ، صحابہ ۽ اهلِ بيت جي محبت حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو.

ذيلي حلقي جي **12** ديني ڪمن ۾ بہ ڀرپور حصو وٺو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو** بہ آهي ◈ **قرآن مجيد سکڻ تمام فضيلت وارو ڪم آهي:** ◈ حديثن ۾ هن قسم جو مضمون آهي تہ صبح اهڙي حالت ۾ ڪريو جو يا تہ توهان عالمِ دين هجو يا طالبِ علمِ دين.[1] ◈ هڪ روايت موجب صبح جي وقت قرآن پاڪ جي هڪ آيت سکڻ، **100** نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[2]

1… دارمی، صفحہ:96، حدیث:254۔

2… ابن ماجہ، صفحہ:48، حدیث:219بتغیر قلیل۔

◈ اَلْحَمْدُلِله! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول نمازِ فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن ◈ هن ۾ ٽي قرآني آيتون ◈ انهن جو ترجمو ۽ تفسير ٻڌو ۽ ٻڌايو ويندو آهي ◈ فيضانِ سنت مان درس ٿيندو آهي ◈ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي ◈ دعا ٿيندي آهي ۽ ◈ آخر ۾ اشراق ۽ چاشت جا نفل بہ ادا ڪيا ويندا آهن.

◈ توهان بہ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪرڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون ◈ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو صبح جو مسجد ۾ نيڪي سکڻ جي لاءِ ويندو آهي ان کي عمري جو ثواب ملندو آهي. [1] ◈ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو تہ برڪت نصيب ٿيندي ◈ سڄو ڏينهن سٺو گذرندو ◈ صبح صبح علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو ◈ شجري شريف جي صورت ۾ نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو ◈ انهن جي محبت دل ۾ پيدا ٿيندي ◈ اولياءِ ڪرام جي روحاني توجهہ حاصل ٿيندي ◈ ايمان تازو ٿيندو ◈ سندن وسيلي سان گهُريون وڃڻ واريون دعائون

اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! قبول ٿينديون ◈ هڪ وڏي برڪت هي آهي تہ فجر جي نماز کان وٺي اشراق جي نماز تائين مسجد ۾ ويهڻ سنتِ مصطفيٰ آهي، ان تي عمل ڪرڻ جي سعادت ملي ويندي ◈ حديث پاڪ مطابق جيڪو فجر کان پوءِ ذِڪرُ الله ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهي، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇهندي. [2]

---

1⋯ مستدرڪ، جلد:1، صفحه:281، حديث:317 ـ

2⋯ شعب الايمان، جلد:3، صفحه:420، حديث:3957 بتغير قليل ـ

## ويزائون ملي ويون

اچو تہ ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا: جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سالن کان ٻاهرين ملڪ ۾ رهندو آهي جتي ان جو پنهنجو ڪاروبار آهي، انهن کي هڪ پيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ مزدورن جي ضرورت هئي. انهن ويزائن جي لاءِ بار بار درخواستون جمع ڪرايون، پر ڪيترين ئي ڪوشش جي باوجود ڪين ويزائون نہ ملي سگهيون، ڪيترائي سال ائين گذري ويا. هو تمام گهڻو پريشان هئا ڇوتہ ملازم نہ هئڻ ڪري ڪين ڪافي نقصان ٿي رهيو هو، خير هنن همت ڪري هڪ دفعو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي ان دوران هڪ اسلامي ڀاءُ انهن کي **شجرهءِ قادريہ عطاريہ** مان دعائيہ اشعار پڙهڻ جو مشورو ڏنو. هنن شجري شريف مان پابندي سان اهي دعائيہ اشعار پڙهڻ شروع ڪيا. الحمدللہ! **شجرهءِ قادريہ رضويہ عطاريہ** پڙهڻ جي برڪت سان سندن اهو ڪم، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان نہ ٿي رهيو هو، حيرت انگيز طور تي ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ٿي ويو ۽ ڪين ويزائون ملي ويون.

مُشکلیں حَل کر شَہِ مشکل کُشا کے واسطے | کر بلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مَعْرِفَةُ الْقُرآن موبائل ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام بهترين موبائل ايپلي ڪيشن مَعْرِفَةُ الْقُرآن جي نالي سان جاري ڪئي آهي. توهان هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ◈ قرآن پاڪ جو لفظي ۽ بامحاوره ترجمو پڙهي سگهو ٿا ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ آيتن جا عنوان بہ ڏنا ويا آهن جن جي

مدد سان پنهنجي موضوع مطابق قرآني آيتون ڏسي ۽ تلاش ڪري سگهجن ٿيون، خاص ڪري مبلغ اسلامي ڀائر هن آپشن مان تمام گهڻو فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ جو آپشن به ڏنو ويو آهي جنهن جي مدد سان آيتون تلاش ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي ◈ مختلف موضوعن کي پِن پوائنٽ ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي توهان به هي ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! **1 محرم شريف** کان **11 محرم شريف** تائين مدني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو، اِهي مدني مذاڪرا روزانو رات جو **9:45** تي مدني چينل تي لائيو نشر ڪيا ويندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هنن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين ◈ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي ”**چار برايو**“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو ۽ ٻين کي به پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا تي الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان شيئر (*Share*) ڪريو! ◈ مڪتبة المدينہ 2 جِلدن تي مشتمل هڪ نهايت اهم ڪتاب **فيضانِ فاروقِ اعظم** جي نالي سان شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ توهان مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي سيرت،

فضائل ۽ سندن زندگيءَ جا ايمان افروز واقعا پڙهي سگهو ٿا. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان جلد پهريو **1300 روپين** ۾ ۽ جلد ٻيو **1170 روپين** ۾ خريد فرمايو

## مُحرم جي قافلن جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! عالمي سطح تي شهداءِ ڪربلا ۽ امام حسين رضی اللہ عنہ جي خدمتِ عاليہ ۾ ثواب جو نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ، دعوتِ اسلامي جا مبلغ الله جي راهہ ۾ سفر ڪري نيڪي جي دعوت کي عام ڪندا آهن ۽ علمِ دين سکڻ ۽ سيکارڻ جو ڪم ڪندا آهن.

هر سال جيان هن سال بہ 8، 9 ۽ 10 محرم شريف 1448 هجري تي شهداءِ ڪربلا جي ايصالِ ثواب لاءِ قافلا سفر ڪندا. توهان بہ هن 3 ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت فرمائي ونو.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ أَحَبَّنِي وَمَنْ أَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان

محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنت ۾ مون سان گڏ ھوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## محرم شريف ۾ روزو رکڻ سنت آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهِ وَسَلَّم :

اَفْضَلُ الصِّيَامِ بَعْدَ رَمَضَانَ شَهْرُ اللهِ الْمُحَرَّم

يعني رمضان کان پوءِ سڀ کان افضل روزا محرم مهيني جا آهن، جيڪو الله پاڪ جو مهينو آهي. (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشورا، يعني 10 محرم شريف جو روزو سنتِ مصطفيٰ آهي. حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنه فرمائن ٿا: عاشورا يعني 10 محرم شريف تي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهِ وَسَلَّم پاڻ به روزو رکيو ۽ ان جو حڪم به فرمايو. (3) روايتن موجب: ◈ محرم شريف جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي. (4) ◈ خاص ڪري عاشورا جي روزي جي

1…تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343۔

2…مسلم،کتاب الصيام،باب فضل صوم المحرم،صفحه:424 ،حديث:1163۔

3…بخاری،کتاب الصوم، باب صيام يوم عاشوراء، صفحه:524، حديث: 2004 ملتقطاً۔

4… ترغيب و ترہيب، کتاب الصوم، الترغيب فی صيام...الخ، صفحه:349، حديث:4۔

حوالي سان پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مون کي الله پاڪ کان اميد آهي ته عاشورا جو روزو گذريل هڪ سال جا گناهه معاف ڪرائي ڇڏيندو آهي. [1]

◈ ها صرف **10 محرم شريف** جو روزو نه رکيو وڃي، پر **9** يا **11 محرم شريف** جو روزو به ان سان گڏ شامل ڪيو وڃي. آخري نبي محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: عاشورا جي ڏينهن جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي (هن طرح) مخالفت ڪريو جو ان کان پهريون يا بعد ۾ به هڪ ڏينهن جو روزو رکو. [2]

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **بهارِ شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخِ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِيَہ جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

پاؤگے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں ، قافلے میں چلو
رِزق کے دَر کھلیں ، قافلے میں چلو | برکتیں بھی ملیں ، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1…مسلم، ڪتاب الصيام،باب فضل استحباب صيام...الخ، صفحه:423، حديث:1162ـ

2…مسند امام احمد،جلد:2، صفحه:100، حديث:2191ـ

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (3)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277

2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1...الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455